شخصيت
سيريز

# مشهور
# عالم ۽ مفڪر



سهيڙيندڙ
نور احمد ميمڻ

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتاب جا هڙئي حق ۽ واسطا سنڌيڪا وٽ محفوظ

پهريون ڇاپو: 1995ع
ٻيو ڇاپو: 1999ع
ٽيون ڇاپو: 2014ع
چوٿون ڇاپو: 2018ع
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشن ڪراچي

ملهه: 100 روپيا

# فهرست

افلاطون ........ 3
حضرت امام ابو حنيفه رحه ........ 5
حضرت امام احمد بن حنبل رحه ........ 7
ابن خلدون ........ 10
ابن عربي ........ 12
شاهه ولي الله رحه ........ 14
شاهه عبداللطيف ڀٽائي ........ 17
روسو ........ 20
مارڪس ........ 22
مولانا عبيدالله سنڌي ........ 25
علامه آءِ-آءِ قاضي ........ 29

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:
سنڌيڪا اڪيڊمي B_24 ، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400. فون: 021_32737290
سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ ، 03133692150
سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 03352233803_03013431537
سنڌيڪا بوڪ شاپ، مدني شاپنگ سينٽر، جي پي او روڊ، لاڙڪاڻو فون: 0331_3480039
سنڌيڪا بوڪ شاپ، رمضان بروهي مارڪيٽ، نوشهروفيروز. فون: 03022917397
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي 0300_2827848 _ مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو
۽ ٻيا سنڌ جا وڏا بوڪ اسٽور

لکپڙهه لاءِ: سنڌيڪا اڪيڊمي
B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400
فون: 021-32737290، ويب سائيٽ: www.sindhica.org
اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# افلاطون

347_427 ق_م



جيتوڻيڪ عام طور اهو مڃيو ويندو آهي تہ افلاطون دنيا جو سڀ کان وڏو فيلسوف هو ليڪن هن جيڪي "مڪالما" لکيا آهن. انهن ۾ هن پنهنجي استاد جا قول نقل ڪيا آهن. ان ڪري گهڻي عرصي کان اهو بحث هلندو ٿو اچي تہ فلسفي ۾ هن جو پنهنجو سڀ کان مٿانهون مقام آهي يا سندس استاد سقراط جو جنهن جو ذڪر هو گهڻو ڪري ٿو.

هن جو پهريون نالو "ارستو قليس" هو بعد ۾ افلاطون ٿيو هو. شايد اٿينس ۾ 427 ق_م ۾ پيدا ٿيو ۽ سٺي خاندان جي ڇوڪرن وانگر ادب، موسيقي ۽ رياضي جي تعليم حاصل ڪيائين. هو شعر بہ چوندو هو ۽ پهلوان ۽ ڪسرتي بہ ڏاڍو سٺو هو. ويهن سالن جي عمر ۾ هو سقراط جو شاگرد ٿيو ۽ اٺن سالن تائين هن کان علم حاصل ڪندو رهيو.

افلاطون جو استاد سقراط وڏو فلسفي ليکيو وڃي ٿو. هو هميشہ حق جي تلاش ۾ رهندو هو ۽ هن وٽ هڪ شيءِ قابل قدر هئي يعني، حقيقي علم. ڪي ماڻهو سقراط کي خدا جو موڪليل پيغمبر بہ ليکين ٿا. چاڪاڻ تہ هُن ڪائنات ڇو وجود ۾ آئي ۽ ان کي ڪنهن وجود بخشيو جهڙن سوالن جو جواب ڏيندي ڪائنات کي خدا جي جوڙيل جوڙ قرار ڏنو آهي. اهڙي طرح هن موت کانپوءِ روح جي بقا جو نظريو بہ پيش ڪيو آهي. هو پنهنجي دوستن ۽ واقفڪارن سان مشڪل مسئلن تي گفتگو ۽ بحث مباحثا ڪندو هو. سندس خيال هو تہ شايد خيالن جي ان ڏي وٽ سان ئي حق ظاهر ٿي پوي. سقراط جي خيالن جي آگاهي افلاطون جي لکيل ڪتابن مان ئي ملي. عام طور تي ڏنو ويو آهي تہ حڪومت اهڙن ماڻهن کي پسند نہ ڪندي آهي، جيڪي هميشہ حق جي تلاش ۾ رهن. چاڪاڻ تہ حق جي تلاش انهن کان ڏٺي نہ ٿيندي آهي، ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ڇڏيو ايئن جو اٿنيس جي حڪومت ڪي سقراط جو رويو ڳورو لڳو. مٿس مقدمو هلائي ڪيس موت جي سزا ٻڌائي وئي. ان کان پوءِ ڪيس چيو ويو تہ جيڪڏهن تون ماڻهن سان بحث مباحثو نہ ڪرڻ جو واعدو ڪرين ۽ پنهنجو رويو بدلائين تہ توکي معاف ڪري سگهجي ٿو پر سقراط ان ڳالھ کان انڪار ڪيو ۽ راھ فرار اختيار ڪرڻ بجاءِ انهيءَ ڳالھ کي ترجيح ڏني تہ هو زهر جو پيالو پي سِرُ ڏئي ڇڏي

استاد جي مرڻ ڪانپوءِ افلاطون سائبرين، مصر، اٽلي ۽ سسلي جو سفر ڪيو ۽ ميڪارا جاءِ تي حڪيم اقليدس جي شاگردي بہ ورتي. 388 ق-م ۾ هو گرفتار ٿيو ۽ غلام بنائي وڪيو ويو. پر بعد ۾ دوستن هن کي رقم ڏئي ڇڏايو. آخر هو اٿينس پهتو ۽ هن پنهنجي مشهور اڪيڊمي کولي، جنهن کي هو پنهنجي زندگيءَ جو مقصد سمجهندو هو. هتي چاليهن سالن تائين هن تعليم ڏني ۽ تعليم جو طريقو اهوئي بحث ۽ مڪالمي جو اختيار ڪيو جيڪو هن سقراط کان سکيو هو.

هي اڪيڊمي پهرئين يونيورسٽي هئي، جيڪا اٺن سالن تائين قائم رهي. هن وڏا وڏا ماڻهو پيدا ڪيا جن ۾ ارسطو سڀني کان مشهور هو. افلاطون جا شاگرد رياضي جا خاص ماهر هئا، پر ٻين علمن ۽ هنرن کان بہ هو بلڪل اڻ ڄاڻ ڪو نہ هئا.

افلاطون حڪومت جي آئين تي غور ڪيو تہ ملڪ ۽ سماج جي حڪومت ڪيئن هجڻ کپي تان تہ سڀ ماڻهو خوشحال رهن ۽ هر طرف خوشي ئي نظر اچي. سڄي يورپ ۾ بعد ۾ اشتراڪيت ۽ سرمائيداري يا ان قسم جي ٻين مسئلن تي، جيڪي بحث مباحثا جاري ٿيا، انهن جو سرچشمو افلاطون جي ڪتابن کي ليکيو پئي ويو آهي. جڏهن افلاطون پوڙهو ٿيو تہ سڪندر اعظم جو استاد ارسطو ميدان ۾ آيو. ارسطو افلاطون و انگر فلسفي جي مونجهارن ۾ نہ پيو. ان فطرت جي مظهرن جو مطالعو ڪرڻ ۽ قدرت جي قانونن کي جاچڻ جو ڪم ڪيو جيڪو علم طبعي فلسفي جي نالي سان نروار ٿيو جنهن کي اڄڪلھ سائنس جو نالو ڏين ٿا. انڪري ارسطوءَ کي شروع جي سائنسدانن مان ڳڻجي تہ غلط ڪونهي.

هيءَ عجيب ڳالھ آهي تہ افلاطون سياسي نظريي جو تہ وڏو حڪيم هو پر سياسي معاملن ۾ پنهنجي همر عصرن جي مقابلي ۾ تمام گهٽ حصو وٺندو هو. ٻڍاپڻ ۾ هن کي سارڪيوز جي بادشاھ جو اتاليق مقرر ڪيو ويو پر ملڪ داري ۾ اهو هڪ ئي دفعو شريڪ ٿيڻ جو تجربو بہ ڪجھ ڪامياب نہ ٿيو.

افلاطون جي مڪالمن ۾ سڀ کان وڌيڪ مشهور "جمهوريت" آهي، جنهن ۾ هن ٻڌايو آهي تہ هن جي خيال موجب بهترين حڪومت جو نظام ڇا هئڻ گهرجي. ٻين مڪالمن ۾ هن ڳالھ تي زور ڏنو ويو آهي تہ "فڪر" ۽ "مشاهدو" سچو پچو وجود رکن ٿا. افلاطون جي تصنيفات جو اثر ارسطو کان بہ گهٽو ٿيو. 347 ق-م ۾ هو هڪ شاديءَ جي دعوت ۾ شامل ٿيو ۽ اتي ئي فوت ٿي ويو. ان وقت افلاطون جي عمر اسي سال هئي.

مرتب: محمد عثمان عباسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حضرت امام ابو حنيفه رحه

767_699ع



قرآن پاڪ ۽ حديث شريف کي مسلمانن لاءِ زندگي گذارڻ جو منشور بڻايو ويو. قرآن شريف جي جمع ٿيڻ کانپوءِ حديث شريف کي جمع ڪري، ان کي اسلامي عقيدن ۽ عملن جي لاءِ ترتيبوار شڪل ڏيڻي هئي. ان کان علاوه قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ ڪوڙ سارن دنياوي مسئلن جي لاءِ قانون ۽ طريقا تيار ڪرڻا هئا. اهو سمورو ڪم حديث ۽ فقه جي وڏن عالمن ڪيو جن مان امام ابو حنيفه ۽ امام احمد بن حنبل جون ڪوششون ۽ ڪارناما نه وسرڻ جهڙا آهن.

حضرت امام ابو حنيفه جو اصل نالو نعمان ۽ سندن والد جو نالو ثابت هو. هو 80 هجري مطابق 699 عيسوي ۾ ڪوفي ۾ پيدا ٿيو. شروع ۾ پيءُ وانگر سندس لاڙو واپار طرف هو ۽ ڪوفي ۾ هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو "خز" ٺاهيندو ۽ ان جو واپار ڪندو هو. جامع مسجد جي پرسان سندن ڪارخانو ۽ دڪان هو. جڏهن سندس عمر لڳ ڀڳ ارڙهن اوڻيهه سال هئي ته هڪ واقعو رونما ٿيو:

هڪ ڏينهن پاڻ بازار پئي ويو ته ڪوفي جي مشهور امام شعبي جي گهر وٽان لنگهيو. امام شعبي جڏهن کين ڏٺو ته سمجهائين ته ڪو نوجوان شاگرد آهي. کين پاڻ وٽ گهرائي پڇيائين: "ڪيڏانهن ٿا وڃو؟" هن ڪنهن سوداگر جو نالو کڻي جواب ڏنو ته اوڏانهن وڃي رهيو آهيان. امام شعبي معلوم ڪيس ته "توهان پڙهو ڪنهن وٽ ٿا؟" وراڻيائين ته "ڪنهن وٽ به نه." امام شعبي چيس ته "مون کي توهان ۾ قابليت جا جوهر نظر اچن ٿا. توهان عالمن جي صحبت ۾ ويهندا ڪريو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

امام حماد رحہ ڪوفي جو مشهور امام هو. ابو حنيفہ رحہ رسول ڪريم ﷺ جن جي هڪ ويجهي اصحابي حضرت انس رضہ کان هڪڙي حديث ٻڌي هئي ۽ پوءِ حضرت حماد رحہ وٽ پڙهڻ لاءِ ويٺو.

امام ابو حنيفہ جڏهن ڄائو تہ اسلام سڄي دنيا ۾ ڦهلج رهيو آهي تہ مختلف مسئلن تي ماڻهن کي ديني رهنمائي ۾ مونجهارا پيش اچي رهيا آهن. انهن مسئلن جي حل لاءِ هن قرآن شريف ۽ رسول ڪريم ﷺ جي حديثن جي روشني فقہ جا شرعي مسئلا لکڻ شروع ڪيا. هُن ان معاملي ۾ وڏي محنت ۽ روشن فڪريءَ سان ڪم ڪري ڏيکاريو ۽ فقہ حنفيءَ جو بنياد وڌو.

پوءِ پاڻ حديث ڏانهن ڌيان ڏنو. ڪوفي ۾ شايد ئي ڪو اهڙو محدث هجي، جنهن جي امام صاحب شاگردي اختيار نہ ڪئي هجي. امام ابو حنيفہ جيڪي مسئلا بيان ڪيا، انهن جو تعداد ٻارنهن لک نوي هزار کان بہ وڌيڪ آهي. پاڻ جنهن نموني فقہ جي ڦهلاءَ جو ارادو ڪيائين، سو تمام وسيع ۽ ڏکيو هو. اهڙي ڏکي ڪم کي اڪيلو نباهڻ مناسب نہ سمجهندي پنهنجي شاگردن مان چاليهن ڄاڻو ماڻهن جي چونڊ ڪري، انهن جو گروپ ٺاهيائين، جن ۾ امام ابو يوسف ۽ امام زفر پڻ شامل هئا. اهڙي ريت فقہ جي هڪ مڃتا انهين درجي واري اداري جو بنياد پيو.

حضرت امام ابو حنيفہ پنهنجي اصولن کي ڪجهہ هيئن بيان ڪيو تہ، ”آءٌ الله جي ڪتاب مان اخذ ڪريان ٿو جيڪڏهن ڪو مسئلو مون کي اُتي نٿو ملي تہ رسول ﷺ جن جي سنت مان مدد وٺان ٿو ۽ جڏهن مسئلي جي حل ۾ اتي بہ مدد نٿي ملي تہ اصحابين سڳورن جي ڪنهن قول کي ميجان ٿو ۽ جيڪڏهن معاملو ابراهيم، شعبي ابن سيرين ۽ عطاءَ تي اچي وڃي ٿو تہ اهي ماڻهو مجتهد آهي تہ ان وقت مان بہ انهن ماڻهن وانگر اجتهاد ڪريان ٿو.“

جڏهن 132هہ/749ع ۾ بغداد ۾ عباسي سلطنت قائم ٿي تہ خليفي منصور ”بغداد“ کي گادي جو هنڌ بڻايو. 146هہ/763ع ۾ ڪين خليفي گهرايو ۽ قاضي جو عهدو آڇيائين. امام ابو حنيفہ ان وقت زمين هاريءَ جو حق قرار ڏني هئي. هن جو چوڻ هو تہ زمين کيڙيندڙ جو حق آهي ۽ ڪڙمت ڪرائڻ حرام آهي. جڏهن تہ خليفو زمينداريءَ جو جواز چاهي پيو. ان ڪري امام ابو حنيفہ قاضي ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان تي خليفو مٿس ناراض ٿي پيو ۽ کيس جيل ۾ وجهي ڇڏيائين. امام صاحب سالن جا سال جيل ڀوڳيو پر زمين تي زميندارن ۽ جاگيردارن جو حق تسليم نہ ڪيو ۽ هاري حقدار جي اصول جو ساٿ ڏنو.

عمر جي آخري ڏهاڙن ۾ پاڻ بيمار ٿي پيو. ڇهہ ڏينهن بيمار رهڻ کان پوءِ لاڏاڻو ڪيائين. سندس وفات جو سال 150هہ/767ع آهي.

مرتب: نور احمد ميمڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حضرت امام احمد بن حنبل رحہ

780_855ع



سندس اصل نالو احمد بن محمد بن حنبل آهي. پاڻ ربيع الاول 164/ھ نومبر 780ع ۾ پيدا ٿيو. هڪڙي روايت اها بہ آهي تہ ربيع الثاني 164ھ/ڊسمبر 780ع ۾ سندس والد مرو کان بغداد لڏي ويو ۽ ڪجھ مهينن بعد اتي ئي سندس جنم ٿيو. هو اڃا رڳو ٽن سالن جو ئي هو تہ والد جي ڇانوَ کان محروم ٿي ويو. سندس پيءُ سرخس جو جرنيل هو. والد جي لاڏاڻي کان پوءِ تربيت جي ذميواري سندس والده تي آئي.

انهن ڏينهن ۾ بغداد علم جو مرڪز هو. هو فرمائي ٿو تہ، ”آءُ اڃا ٻار ئي هئس تہ قرآن پاڪ ياد ڪري ورتم. چوڏهن سالن جي ڄمار جو ٿيس تہ لکڻ ۽ ڪتابت جي مشق ڪرڻ ۾ لڳي ويس.“

حضرت امام احمد بن حنبل ٽن سالن تائين امام ابو يوسف رحہ کان فقہ ۽ حديث جو علم حاصل ڪندو رهيو. انهيءَ دوران امام محمد رحہ کان بہ گهڻو ڪجھ پرايائين. انهيءَ کان پوءِ چئن سالن تائين بغداد ۾ امام هيشم بن بشرين ابو حازم رحہ کان علم پرائيندو رهيو. هن علم جي حاصلات لاءِ ڏگها ڏگها سفر بہ ڪيا. پنڌ ۾ ڏاڍو پاٽي ختم ٿي ويو تہ هن مزدوري بہ ڪئي.

186 هجري ۾ امام صاحب بصري ۽ مديني شريف بہ ويو. انهيءَ سفر ۾ سندس ملاقات امام شافعي رحہ سان ٿي. ٻئي ٻيري پاڻ بغداد ۾ هڪٻئي سان مليا ۽ امام رحہ کائنس بہ علم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حاصل ڪيو. ان ڪانپوءِ امام شافعي جيستائين بغداد ۾ رهيو هو ڪائنن پري نہ ٿيو. امام احمد بن حنبل رحہ حديث شريف جي حاصلات لاءِ جيڪي پنڌ ڪيا، انهن جي نتيجي ۾ ڪيس ڏهہ لک حديثون ياد ٿي ويون.

امام احمد حنبل رحہ جڏهن چاليهن سالن جي عمر کي پهتو تہ بغداد جي جامع مسجد ۾ باقاعده هڪ اداري جي صورت ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. سندس خطاب ٻڌڻ لاءِ پنج پنج هزارن تائين ماڻهو گڏ ٿي ويندا هئا، جن ۾ پنج سؤ تہ رڳو لکڻ وارا هوندا هئا. سندس شاگردن ۾ امام بخاري رحہ، امام مسلم رحہ، امام ابودائود رحہ، امام ترمذي رحہ ۽ ابوذر رحہ جهڙا عظيم محدث شامل آهن.

امام احمد بن حنبل رحہ جن جو عظيم علمي ڪارنامو "مسند احمد" آهي، جيڪو ٽي هزار حديثن تي مشتمل آهي. امام صاحب پوکيءَ واري زمين هاريءَ جو حق قرار ڏني هئي جنهن تي حڪمران ڏمريل هيا.

خليفي هارون جي وفات ڪانپوءِ سندس پٽ مامون 198هہ مطابق 814ع ۾ خلافت جي مسند تي ويٺو جيڪو معتزلہ کان متاثر هو جنهن ڪري اهي مٿس حاوي ٿي ويا. انهن قرآن پاڪ جي مخلوق هجڻ جي دعوي ڪئي.

جڏهن تہ امام صاحب واضح ڪيو تہ قرآن پاڪ الله تعاليٰ جو علم ۽ ان جي هڪ صفت آهي. ان ڪري پاڻ تخليق قرآن جي غلط عقيدي جي خلاف آواز اٿاريو. سندس اها همت وقت جي حڪمرانن جي اڳيان پوپان ٿيندڙن کي ڏکي لڳي، ان ڪري مٿس ڏکيائين ۽ تڪليفن جا در کلي ويا. زمين جي ملڪيت جي مسئلي تي حڪمران مٿس اڳ ئي ڪاوڙيل هئا. تڏهن مامون حڪم ڪيو تہ امام احمد ۽ امام محمد بن نوح کي ٻيڙيون هڻي عدالت ۾ حاضر ڪيو وڃي پر امام احمد بن حنبل ان وقت بہ هارَ نہ مڃي.

218هہ مطابق 833ع ۾ مامون جي لاڏاڻي ڪانپوءِ محمد بن هارون المعتصم خلافت جي گاديءَ تي ويٺو. سندس حڪم تي امام صاحب رحہ کي واپس بغداد وٺي وڃي ڪري قيد ڪيو ويو ۽ ڪيس پيرن ۾ ٻيڙيون هنيون ويون. جيل ۾ بہ هن درس و تدريس جو ڪم جاري رکيو. پيرن ۾ ٻيڙين هجڻ جي باوجود هو باجماعت نماز جي امامت ڪندو هو.

امام صاحب رحہ جن کي جيل ۾ اهو چيو ويو تہ هو حڪمران جي مخالفت ڪرڻ ڇڏي ڏئي. جڏهن هن سندن صلاح کي ٺڏي ڇڏيو تہ ڪيس ڌمڪي ڏني وئي تہ ڪيس موت جي منهن ۾ ڏنو ويندو. جڏهن ان جو بہ مٿس ڪو اثر نہ ٿيو تہ حڪم ڏنو ويو تہ امام صاحب رحہ کي اڇا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

به وڏيڪ ڳريون بيڙيون هنيون ويون. انهيءَ تي به جڏهن حاڪم جي دل جي باهه نه ٺري ته حڪم ڏنائين ته کيس جيل مان ٻاهر ڪڍي پنڌ هلايو وڃي.

امام احمد بن حنبل رحه ايڏين سختين جي باوجود پنهنجي ارادن ۾ ڪنهن به قسم جي لچڪ نه آندي. کيس سختين ڏيڻ جي حد اها ٿي جو کين ايترا ته ڪوڙا هنيا ويا جو پاڻ بيهوش ٿي ويو. سندن زبان تي هي لفظ هئا ته: ”اسان تي اهائي مصيبت اچي سگهي ٿي، جيڪا الله تعاليٰ اڳ ۾ ئي لکي ڇڏي آهي.“ هوش ۾ آيو ته اهو سلسلو وري به شروع ٿي ويو ايتري قدر جو پاڻ وري بيهوش ٿي ويو. گهڻي دير ڪانپوءِ جڏهن هوش ۾ آيو ته خليفي کين چيو ته ”هاڻي به وقت اٿوَ منهنجي ڳالهه مڃيو.“ جڏهن امام صاحب انڪار ڪيو ته ٽئين ڀيري ۾ کين ڪوڙا هنيا ويا، تان جو امام صاحب وري به بيهوش ٿي ويو. انهيءَ تي خليفو ڪجهه ڍرو ٿيو ۽ ڪوڙن هڻڻ جو سلسلو بند ڪيائين ۽ کين آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنائين.

امام احمد بن حنبل رحه جنهن فقه جو بنياد وڌو سو فقه حنبلي سڏجي ٿو جيڪو اهم فقهي مسلڪن مان هڪ آهي. انهي فقه جي خاصيت اها آهي ته انهيءَ ۾ هر دؤر ۾ اجتهاد جو در کليل رهي ٿو ته جيئن فقهي مسئلن جي ترتيب ۽ جوڙجڪ جو عمل رڪجي بيهي نه رهي، پر وقت ۽ حالتن جي گهرجن مطابق قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ فقهي مسئلا ترتيب ڏنا وڃن ٿا.

پاڻ 77 سالن جي عمر ۾ بيمار ٿي پيو. 9 ڏينهن تائين بيمار رهيو. ڪانئن طبيعت پڇڻ وارن جي رش ايتري ته هئي جو بازار ۾ ڏيتي ليتي ڏکي ٿي پئي. سندس پيدائش به ربيع الاول ۾ ٿي ته پاڻ هي جهان ۾ جمعي جي ڏينهن 12 ربيع الاول مطابق 31 جولاءِ 855ع تي ڇڏيائون.

مرتب: نور احمد ميمڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ابن خلدون

پيدائش 1332ع وفات 1406ع



مشهور مسلمان مؤرخ، فقيهه فلسفي ۽ سياستدان ابن خلدون جو سچو نالو ابو زيد عبدالرحمان بن محمد بن محمد بن خلدون ولي الدين هو. هو تيونس ۾ پيدا ٿيو ۽ تعليمي فراغت کانپوءِ تيونس جي سلطان ابو عنان جو وزير به مقرر ٿيو. ڪجهه وقت لاءِ غرناط جي حاڪم وٽ ترسيل رهيو ۽ بعد ۾ مصر جي جامعه اظهر ۾ تدريس جي شعبي سان وابسته ٿيو.

ابن خلدون جو عام تعارف مؤرخ وارو آهي، پر مغرب ۾ هن کي سوشل سائنسز جي هڪ بنيادي مفڪر جي سڃاڻ حاصل آهي. هن مؤرخ جي حيثيت ۾ جيڪا تاريخ لکي ان جو تفصيلي مقدمو به لکيو جنهن ۾ هن قومن جي عروج ۽ زوال جي سببن ۽ قومي ترقي جي رازن جي وڏي پذرائي ڪئي. اهو ئي مقدمو ابن خلدون جي فڪر ۽ فلسفي جو هڪ نادر مجموعو ثابت ٿيو. هن پنهنجي تاريخي بصيرت جي روشنيءَ ۾ پنهنجو عمراني فلسفو به پيش ڪيو جنهن ۾ انساني گروهن يا قومن جي اوسر، ترقي ۽ انهن جي زوال پٺيان موجود ڪارڻن کي کولي بيان ڪيو. هن ٻڌايو ته فردن وانگر قومن جي به هڪ طبعي عمر هوندي آهي جيڪا جواني به حاصل ڪندي آهي ۽ پوڙهپ مان به گذرندي آهي ۽ آخرڪار پنهنجي انجام کي رسندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ابن خلدون انساني اجتماعي زندگيءَ جي قومي درجي کي وڏي اهميت ڏني ۽ ٻڌايو تہ قومن جي وچ ۾ باهمي عصبيو (قومي ٻڌيءَ جو جذبو) قومن کي متحد رکڻ جو ڪارڻ بڻبو آهي، هُن اهو بہ ٻڌايو تہ جيڪڏهن قومن کي متحد رکڻو آهي تہ انهن کي هميشہ حالتِ جنگ ۾ رکو. حالتِ جنگ مان هُن جي مراد قومي مسابقت (ڊوڙ) هئي. اها قومي ڊوڙ ثقافتي ميدان ۾ هجي يا اقتصادي ميدان ۾، اخلاقي ميدان ۾ هجي يا صنعت جي ميدان ۾، هو قومي بقا جي لاءِ ان کي بيحد ضروري ۽ اهم سمجهي ٿو. هُن انساني ڪردار تي آب هوا ۽ زميني حالتن جي اثرن بابت ڇاڻانئيندي لکيو آهي تہ ڳوٺاڻا بدوي ماڻهو شهر جي ماڻهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ بهادر ٿيندا آهن. مغلوب قوم هميشہ غالب قوم جي تقليد ڪرڻ چاهيندي آهي، ان جي خاصيتن ۾، ان جي لباس ۾، ان جي مذهب ۾ ۽ ٻين عادتن ۽ احوالن ۾ بہ. هو لکي ٿو تہ ظلم ۽ ناانصافي تهذيب جي زوال جو باث بڻبا آهن. تمدني ترقي ڪيڏو بہ عروج ڪري وڃي پر ظلم ۽ ناانصافي اُن ترقيءَ کي نهوڙي ڇڏيندا. انساني تهذيب کي ان جي تنظيم لاءِ سياسي قيادت جي ضرورت هوندي آهي، ان ڪري قومن ۾ سياسي قيادت کي اڀرڻ جا ڀرپور موقعا ڏنا وڃن. علمن جي اتي وڌيڪ ڪثرت ۽ ترقي هوندي آهي جتي انساني تمدن ۽ تهذيب جو مرتبو مٿانهون هجي.

ابن خلدون جو لکيل مقدمو انساني تاريخ جي اهم قلمي دستاويزن مان هڪ آهي، مشهور مؤرخ ٽوائن بي جو چوڻ آهي تہ "عربي لٽريچر هڪ ٿي ماڻهوءَ جي نالي سان روشن آهي ۽ اهو آهي ابنِ خلدون! عيسائي دنيا ان جو مثال پيش نٿي ڪري سگهي. ايسٽائين جو افلاطون، ارسطو ۽ آگيسٽن بہ انهن خاصيتن ۾ ابنِ خلدون جو برميچي نٿا سگهن." (اسٽڊي آف هسٽري، ج3، ص322)

مرتب: نور احمد ميمڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ابن عربي

## پيدائش 1165ع وفات 1240ع



ابن العربي جو پورو نالو محمد بن علي بن محمد ابن العربي الطائي الحاتمي الاندلسي هو. مشرق وارا کيس ابن عربي سڏين ٿا ۽ مغرب وارا کيس ابن العربي ۽ ابن سراقہ جي نالي سان سڃاڻن ٿا. کيس سڀ کان وڌيڪ شهرت الشيخ الاڪبر جي لقب سان ملي ۽ مسلمانن جي تاريخ ۾ هي لقب ڪنهن ٻي شخصيت کي نہ مليو آهي. ابن عربي اندلس جي شهر مرسيا ۾ هڪ معزز عربي خاندان ۾ پيدا ٿيو جيڪو جڳ مشهور سخي حاتم طائي جي ڀاءُ جي نسل مان هو. ابتدائي تعليم جا مرحلا هُن مرسيا ۽ بشبونا مان طئہ ڪيا. اشبيليا ۾ کيس پنهنجي وقت جي نالي وارن عالمن جي قدمن ۾ ويهڻ جي سعادت ملي. ديني ۽ دنياوي تعليم سان گڏ سندس گهڻو وقت صوفين جي خدمت ۾ گذرڻ لڳو ڇاڪاڻ تہ تصوف جو سلسلو سندس خاندان ۾ جاري هو.

ابنِ عربي جڏهن مڪي مڪرم پهتو تہ اتي سندس فڪر ۽ سوچ ۾ وڏي تبديلي آئي. مڪي مڪرم ۾ سندس پهريون قيام پُريا 2 سال هو. جنهن ۾ هُن پنهنجو جڳ مشهور ڪتاب الفتوحات المڪية لکيو پر چيو وڃي ٿو تہ هُن اهو ڪتاب بعد ۾ بہ پاڻ سان گڏ رکيو ۽ 30 سالن تائين ان ڪتاب کي پايہ تڪميل تائين پهچايو.

ابن عربي 601هہ ۾ مڪي کان روانو ٿي بغداد، موسل ۽ ٻين شهرن مان ٿيندو 603هہ ۾ قاهره پهتو. جتي مٿس ارتداد (شريعت کان ڦري وڃڻ) جو الزام لڳايو ويو. وقت جي طاقتور ڏرين کيس مارڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاهيو پر ايوبي حاڪم الملڪ العادل سندس جان بچائي ورتي. 604هه ۾ وري مڪي ۾ موٽي آيو ۽ هڪ سال تائين ترسيل رهيو. ان ڪانپوءِ ابن عربي ايشيا ڪوچڪ هليو ويو جتان 607هه ۾ قونيا پهتو. اتي سندس سلطان ڪيڪائوس وڏي مرتبي سان استقبال ڪيو ۽ سندس رهائش لاءِ هڪ عاليشان گهر ٺهرايو جنهن کي ابن العربي هڪ سواليءَ کي سوال ڪرڻ تي ڏئي ڇڏيو. قونيا ۾ سندس موجودگي مشرقي تصوف ۾ هڪ انقلاب جو پيش خيمو بڻي. جنهن جو وسيلو سندس شاگرد صدر الدين قونوي بڻيو جنهن جي ماءُ سان سندس شادي ٿي. صدر الدين قونوي مولانا جلال الدين روميءَ جي قريبي دوستن مان هو ۽ ابن عربي جي عربي ڪتاب فصوص الحڪم جي سمجهاڻي به لکيائين جنهن کي اڄ ڏينهن تائين حرف آخر سمجهيو وڃي ٿو. قونيا مان بغداد شريف منتقل ٿيو. جتي چون ٿا ته سندس ملاقات شيخ شهاب الدين عمر بن محمد السهروردي سان ٿي. اسلامي دنيا جا هي ٻئي وڏا بزرگ گهڻي دير خاموشيءَ سان هڪٻئي جي سامهون ويٺا رهيا ۽ پوءِ جدا ٿي ويا. بعد ۾ جڏهن شيخ شهاب الدين کان پڇيو ويو ته اوهان شيخ محي الدين کي ڪيئن ڏٺو؟ ته هن وراڻيو "مان ان کي هڪ سمنڊ وانگر ڏٺو جنهن جو ڪو به ڪنارو ڪونهي." جڏهن وري شيخ شهاب الدين کان پڇيو ويو ته اوهان شيخ محي الدين کي ڪيئن ڏٺو ته انهيءَ چيو "مان ان کي هڪ وڏي صالح انسان جي صورت ۾ ڏٺو."

الفتوحات المڪية ڪانپوءِ ابن عربيءَ جو مشهور ڪتاب فصوص الحڪم تصنيف ٿيو. انهن ٻنهي ڪتابن جي ترجمن مغرب ۾ ابن عربيءَ کي هڪ فلسفي جي حيثيت ۾ متعارف ڪرايو ۽ سندس فلسفي کي "ڊاڪٽرائن آف ابن عربي" جو نالو ڏنو ويو. عام طور تي ابن عربي کي فلسفي به سمجهيو وڃي ٿو ۽ هڪ محقق صوفي به. جنهن کي اسلامڪ سائنسز، ڪاسمولاجي، فلڪيات ۽ علم نجوم جهڙن علمن جو ماهر ليکيو وڃي ٿو. ان جي فڪر جو سڀ کان اهم پهلو وحدة الوجود جو فڪر آهي. صوفين جو هي وحدة الوجودي لڏو مخلوقات جي تخليق ۾ هڪ ئي خلقڻهار جي امر ۽ ان جي روح کي ڪارفرما سمجهي ٿو. ان ڪري اُهي سڄي مخلوق کي الله جو عيال ۽ ڪٽنب ڪري ليکين ٿا. اُهي صوفي انسان ذات جي مرتبن ۾ ڪنهن به فرق کي نٿا ليکين. سڀني کي بنيادي انساني حقن ۾ برابر سمجهن ٿا.

ابن العربي جي فڪر تي سوين وحدة الوجودي صوفين جو ظهور ٿيو منصور بن حلاج به انهن ۾ هڪ هو. هنن صوفين دولت پرستي جي سخت نندا ڪئي ۽ پورهئي جي استحصال جي خلاف بغاوت ڪئي. جاگيرداري ۽ زميني ڌارتي چاڪاڻ ته هاريءَ جي پورهئي جو استحصال هئا ان ڪري هنن نه صرف هاريءَ کي غير شرعي ۽ غير اسلامي قرار ڏنو پر جاگيرداريءَ جي خلاف وڏي مزاحمت پڻ ڪئي. سنڌ ۾ ان سلسلي جو صوفي شاهه عنايت شهيد "زمين جو کيڙي سو کائي" جي اصول تي پنهنجي دور جي جابر حاڪمن سان ويڙهه ڪندي شهادت ماڻي هئي.

مرتب: نور احمد ميمڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شاهہ ولي الله رحہ

1114_1176هہ



اورنگزيب 1707 عيسوي ۾ وفات ڪئي. سندس وفات ڪانپوءِ سياسي وِگوڙ شروع ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ آخرڪار ننڍي کنڊ ۾ مسلم اقتدار پورا پورا ٿي ويو. اها سياسي ڇڪ ڏاهہ سياسي ۽ اقتصادي نااهلين جو نتيجو هئي جيڪا هين دائرن ڪي بہ وڪوڙي وئي هئي. سيني پاسن کان بغاوتن منهن ڪڍيو هو. جن ڪي منهن ڏيڻ جي قابليت اورنگزيب جي جانشين ۾ ڪا نہ هئي مسلمانن جي تاريخ جي اهڙي خطرناڪ ۽ نازڪ وقت ۾ شاهہ ولي الله جنم ورتو جيڪو هندستان جو هڪ عظيم مذهبي مفڪر هو جنهن اسلام کي هندستان ۾ نئين زندگي ڏيارڻ لاءِ وڏو ڪم ڪيو.

شاهہ ولي الله 1703ع ۾ اورنگزيب جي وفات کان چار سال اڳ ڄائو هو. شاهہ ولي الله پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي نامور والد کان حاصل ڪئي، جيڪو سندس استاد بہ هو تہ سندس روحاني رهبر بہ هو. شاهہ ولي الله ايتري تہ تيز حافظي جو مالڪ هو جو 7 سالن جي ڄمار ۾ قرآن مجيد حفظ ڪري ڇڏيو هئائين. هو 17 سالن جو ٿيو تہ سندس والد 1731ع ۾ وفات ڪري ويو. هن پنهنجي والد جي جاءِ تي مدرسہ رحيميہ ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو ۽ ٻارنهن سالن تائين اهو ڪم ڪندو رهيو. تنهن ڪانپوءِ هو وڌيڪ پڙهڻ لاءِ عربستان ويو. عربستان وڃڻ وقت هو ٺٽي شهر ۾ بہ آيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو جتي سندس مشهور شاگرد مخدوم محمد معين ٺٽوي جو وڏو مڪتب قائم هو. هو مڪي ۽ مديني ۾ چوڏنهن مهينا رهيو. انهيءَ عرصي ۾ هو حجاز جي نمايان استادن سان لهه وچڙ ۾ رهيو. هن جو دلپسند استاد مديني جو شيخ ابو طاهر بن ابراهيم هو جنهن کان هن کي حديث ۾ سَنَدَ عطا ٿي.

هو 9 جولاءِ 1732ع ۾ دهلي موٽيو ۽ ايندي ئي پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويو. هن اهو انتهائي مشڪل ڪم ان وقت پنهنجي هٿ ۾ کنيو جڏهن هندستان جا مسلمان پنهنجي تاريخ جي تمام ڏکئي دور مان لنگهي رهيا هئا ۽ سندن سمورو سماجي، سياسي، اقتصادي ۽ روحاني سرشتو ڀڄي پور ٿي چڪو هو. دهلي اچڻ کانپوءِ هن پنهنجن شاگردن کي اسلامي علم جي مختلف شاخن جي سکيا ڏيڻ شروع ڪئي ۽ کين اهو ڪم سونپيائين ته وڃي ماڻهن ۾ اسلام جي حقيقي روح جي تبليغ ڪن. هن اسلامي علمن تي معياري ڪتاب لکڻ جو ڪم به پنهنجي هٿن ۾ کنيو ۽ 1762ع ۾ پنهنجي وفات تائين اسلام تي وڏي تعداد ۾ ڪتاب لکيائين، جيڪي اڄ سوڏو اهم ليکجن ٿا.

شاهه ولي الله تمام گهڻو لکيو. هن جا ڪتاب خيال توڙي مستقل بيني جي لحاظ کان نمايان حيثيت رکن ٿا. اسلامي تاريخ جي پوئين اڌ ۾ شاهه ولي الله اڪيلو ماڻهو آهي، جنهن تاريخ ۽ سياست جا اقتصادي عوامل پيش ڪيا ۽ سماجي جوڙجڪ کي فطرتي قانونن پٽاندڙ فرد، ڪٽنب، قوم ۽ بين الاقواميت ۾ ورهايو. هن مسلمان امت جي اندر قومن جي مستقل وجود جي وڪالت ڪئي ۽ چيو ته قومون خدا جي مشيت آهن، جنهن سان انهن جو تعارف ۽ تشخص قائم رهي ٿو. نظرئي توڙي عمل ۾ هن جنهن ڳڻ تي سڀ کان وڏيڪ زور ڏنو سو آهي عدل يا عدالت. هن جا ڪتاب ۽ نظريا ثابتي ڏين ٿا ته هن انهيءَ اصول تي عمل به ڪيو ۽ ورلي ڪو اهڙو موقعو هٿان وڃايو جنهن ۾ هن سماجي تاجي ڀيٽي کي برقرار رکڻ لاءِ نظرياتي طور عدل جي ڪردار تي زور نه ڏنو هجي. هُن اخلاق ۽ معيشت جي باهمي تعلق تي به لکيو. سندس چوڻ هو ته معيشت کي بهتر بنائڻ کانسواءِ ڪابه اخلاقي ڪوشش يا تحريڪ ڪامياب ٿي نٿي سگهي. هُن واضح ڪيو ته سرمائي جو بنياد محنت آهي ان ڪري پورهيتن ۽ هارين کي معيشت ۾ اهم مقام ڏنو وڃي.

هو جنهن دؤر ۾ پيدا ٿيو هو تنهن تي تصوف جو ڳوڙهو رنگ چڙهيل هو. هن کي خبر هئي ته ننڍي کنڊ ۾ اسلام کي مقبول ڪرڻ لاءِ صوفين ڪيڏو نه ڪم ڪيو هو ۽ اهو به ڄاڻائين ٿي ته سچو پچو اسلامي تصوف ماڻهن جي روحاني ترقي لاءِ ڪيڏو نه ضروري هو پر هو چالو ۽ زوال هيٺ آيل روايتي صوفي متي تي سخت تنقيد ڪندو هو جيڪو سندس نظر ۾ دنيا تياڳڻ جي حد تائين وڃي پهتو هو ۽ سچي اسلام جي ابتڙ هو. شاهه صاحب صوفي متي کي رد ڪرڻ بدران ان کي سڌارڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ منجهس ضابطي پيدا ڪرڻ تي زور ڀريو. هن انهيءَ موضوع تي ڪافي ڪتاب لکيا، جن ۾ صوفي متي جي اوگڻن ۽ گڻن جي ڇنڊڇاڻ ڪيائين.

هن مسلم سماج جي اقتصاديات ۾ انقلابي تبديليون آڻن جي رٿ ڏني ۽ سماج وادي بنيادن تي دولت جي وڏيڪ وسيع ورڇ جي وڪالت ڪئي. سماجي ۽ سياسي نظام ۾ اقتصاديات جي اهميت کي پرکيو. هن سماج ۾ اقتصادي توازن برقرار رکڻ جي وڪالت ڪئي ۽ دولت گڏ ڪرڻ کي سخت لفظن ۾ ننديائين. سندس چوڻ مطابق دنيا ۾ سڀيئي خرابيون دولت گڏ ڪرڻ جي هيچ ڪري پيدا ٿيون آهن. هن اهڙي سماجي جوڙجڪ جو سپنو پئي ڏٺو جيڪا اقتصادي برابري، برادري ۽ ڀائپي تي ٻڌل هجي. اهي ئي اصول آهن، جنهن تي خلافت راشده جي دؤر ۾ اسلام جي سماج وادي اصولن تي عمل ٿيندو هو.

پنهنجي سماجي ۽ اقتصادي فڪر جي اوسر جي لاءِ هن هندستان ۾ ٻه اسڪول قائم ڪيا. هڪ بريلي ۾ ۽ ٻيو ٺٽي سنڌ ۾. بريلي ۾ شاهه علم الله جو تڪيو ۽ ٺٽي ۾ مخدوم محمد معين ٺٽوي جو تڪيو جي نالي انهن اسڪولن پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. اڳتي هلي هندستان ۾ ديوبند مدرسو ۽ جمعيت علماءِ هند شاهه ولي الله جي ان مڪتبءِ فڪر جو محور بڻجي ويا.

هندستان ـ دوست مفڪر جي حيثيت ۾ شاهه ولي الله مغلن جي زوال‌جنڌڙ سلطنت جو متبادل هندستان کي گهڻ قومي ملڪ قرار ڏيڻ جي صورت ۾ پيش ڪيو ۽ هندستان کي خودمختيار رياستن جي ڪنفيڊريشن ميڄائڻ جي پرچار ڪئي. ان جي پيش ڪيل نظرين ۽ اصولن تي ديوبند جو مڪتب وجود ۾ آيو. شيخ الهند مولانا محمود الحسنؒ ۽ ان جي شاگرد مولانا عبيدالله سنڌي شاهه ولي الله جي ديني ۽ سياسي نظرين کي ڦهلائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

مرتب: نور احمد ميمڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

1689_1752ع



شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سال 1102 هجري، مطابق 1689ع ۾ حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقي جي ڳوٺ ڪٽياڻ جي ويجهو "ڀٽائي پور" ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو حبيب الله شاهہ هو. شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو سندن ڏاڏي جو ڏاڏو هوجيڪو پڻ هڪ مشهور بزرگ ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

شاهہ حبيب کي ٽي گهرواريون هيون. جن مان پهرين گهرواريءَ مان کين هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو عبداللطيف رکيائون. پر هو اڃا ٻارڙوئي هو تہ فوت ٿي ويو. ان کان پوءِ وري ننڍي گهرواريءَ مان کين پٽ ڄائو جنهن جو نالو جمال شاهہ رکيائون. جنهن جو اولاد اڃا تائين پٽ جي گاديءَ تي ويهندو اچي. پوءِ وري پهرين گهرواريءَ مان کين ٽيون فرزند ڄائو جنهن جو نالو بہ عبداللطيف ئي رکيائون. جيڪوئي اڳتي هلي اسان جو عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ٿيو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي پيدائش کانپوءِ شاهہ حبيب هالا حويلي مان لڏي موجوده ڀٽ کان ٻہ ميل ڪن پري مغلن جي هڪ ڳوٺ، ڪوٽڙيءَ ۾ اچي رهيو تہ جيئن ننڍڙي لطيف جي تعليم جو مڪمل بندوبست ٿي سگهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کي جنهن اسڪول ۾ داخلا ملي، ان ۾ ميان نور محمد ڀٽي هڪ تمام قابل استاد هو. شاهہ صاحب هوڻ ئي ذهين هو. ٻيو تہ مٿس پنهنجي سڌريل گهرو ماحول جو اثر بہ هو ان ڪري جلد ئي سندس تعليمي قابليت ظاهر ٿيڻ لڳي. ان عرصي ۾ مختلف عالمن ۽ بزرگن جي صحبت ۽ خيالن جي ڏي وٺ بہ شاهہ لطيف جي ذهن ۽ فڪر جي اوسر تي وڏو اثر وڌو.

شاهہ صاحب جي حليي مبارڪ ۽ سيرت متعلق سندس سوانح نگارن جو چوڻ آهي تہ، پاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيتوڻيڪ ايڏو قداور مڙس نہ هو تڏهن بہ وچولي قد کان البت ڊگهيرو هو. سندن وار جوانيءَ جي ڏينهن ۾ ڀُوري ڪاري رنگ جا ۽ سونهاري گهاٽي ۽ چاپئين هئي. سندس پيشاني ڪشادي ۽ اکيون وڏيون ۽ ڪاريون هيون. سندن اٿن ويهڻ، هلت چلت ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ نهايت فضيلت وارو هو. سندن طبيعت ۾ جيتري سنجيدگي هئي، اوتري هر دلعزيزي ۽ کل مڪائي بہ هئي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي هڪڙي فقير وڳند سان کل ڀوڳ بہ ڪندا هئا. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي وڳند فقير لاءِ ڪي ڀوڳائي بيت بہ چيا آهن. جي سندن رسالي جي سُر بلاول ۾ موجود آهن.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڪشادي دل وارو، رحمدل ۽ همدرد انسان هو. هو هڪ عالم ۽ سڌارڪ انسان هو. هن سنڌي سماج ۾ انساني ڀلاين ۽ چڱاين جي مٿانهين قدرن کي ڦهلائڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪيون. هو جيئن هڪ شخصيت ساز انسان هو تيئن هُن پنهنجي شاعري ذريعي سماج سازيءَ جو بہ فڪر ڏنو. انهيءَ سڌارڪ فڪر جو عڪس سندن ڪلام ۾ چٽو نظر اچي ٿو. تڪبر ۽ وڏائيءَ سان تہ سندن پوندي ئي ڪا نہ هئي. پنهنجي شاعريءَ ۾ بہ پاڻ ٻين کي نهٺائيءَ ۾ هيٺانهين سان هلڻ جي هدايت ڪئي اٿائين.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بلڪل سادو لباس پهريندو هو. گهڻو ڪري هڪ گيڙوءَ رتي الفي پائيندو هو. مٿي تي اڇي رنگ جي ٽوپي وجهندو هو جنهن کي "تاج" يا "ڪُلاهہ" ڪري سڏيندا آهن. سندن ذاتي استعمال جون سيئي شيون اجا تائين صحيح سلامت سندس فقيرن وٽ ڀٽ تي رکيل آهن.

شاهہ صاحب سنڌ جي تقريباً سيني حصن جو سير سفر ڪيو. فطرت جي نظارن ڏسڻ جو کين تمام گهڻو شوق هوندو هو. سندس ڪلام ان ڳالهہ جو مڪمل دليل آهي تہ شاهہ صاحب توحيد جي تعليم جو پرچارڪ هو. هو هر وقت پنهنجن مريدن ۽ طالبن کي توحيد جي هدايت ڪندو هو.

ڪوٽڙي مغل، جتي ڀٽ وسائڻ کان اڳ ۾ شاهہ صاحب جن جو گهر هو اتي مرزا مغل بيگ نالي هڪ شاهوڪار ماڻهو رهندو هو. هڪڙي ڏينهن اوچتو هن جي گهر تي ڌاڙيلن خوني حملو ڪيو. مرزا مغل بيگ جي ان حملي ۾ مارجي وڃڻ کانپوءِ شاهہ حبيب، مرزا جي بيواهہ زال جي اصرار تي سندس نياڻي پنهنجي لائق فرزند شاهہ عبداللطيف جي نڪاح ۾ آندي.

شاديءَ کان سگهو ئي پوءِ شاهہ صاحب ڀٽ وسائي هئي. اهائي ڀٽ آهي جتان علم، سچائي، انسانيت سان پيار ڪرڻ ۽ لاچار انسانن سان مدد ڪرڻ جي هدايت جا ڪرڻا سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا.

شاهہ صاحب جي وقت ۾ سنڌ اندر مذهبي طرز جي حڪومت هئي. ڪلهوڙا حاڪم پيري مريدي جي روپ ۾ حڪومت ڪندا هئا. سندن حڪومتي نظام بہ پيراڻي طريقي سان پئي هليو. اختلافن سبب عالم سڳورا گروهن ۾ ورهايل هئا ۽ سنڌي سماج گروهن ۾ ورهائجي رهيو هو. شاهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف اهڙين حالتن ۾ قومي وحدت ۽ اعليٰ انساني قدرن جي پرچار ڪري سنڌ ۽ سنڌين کي متحده رکڻ جون ڪوششون ڪيون.

صوفي بزرگن انسانيت جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، اسان جو عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي به ان ڏس ۾ سيني کان اڳاهون آهي. شاهه صاحب جي حقيقت شناسي ۽ انسان دوستيءَ جو ثبوت انهيءَ مان ئي ملي سگهي ٿو ته هن وٽ ڪٽرپڻو نه هو ۽ هو صاف دل صوفي بزرگ هو. سندن ڪلام جو مول مقصد ئي آهي، انسان ذات سان پيار ڪرڻ. شاهه سائين جيترو انسان کي عزت جي لائق سمجهي ٿو اوتري ئي وطن کي اهميت ڏني اٿائين. "سر مارئي" سندس انهيءَ لڳاءَ جي شاهدي ڏي ٿو.

شاهه صاحب نه رڳو وڏو شاعر هو پر پاڻ هڪ عظيم مفڪر به هو. پاڻ وڏين ۽ مشهور شين سان گڏ زندگيءَ سان واسطو رکندڙ سيني ننڍڙين شين جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ اهڙي ته خوبصورت انداز سان ڪيو اٿائين. جنهن ڪري اهي شيون ننڍڙيون هوندي به اهم ٿي پيون آهن.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي اسان جو اهو عظيم شاعر آهي، جنهن سنڌ جي لوڪ داستانن کي پنهنجي شاعريءَ جو حصو بڻائي، انهن کي هميشه لاءِ زنده ڪري ڇڏيو آهي. هن گڏيل ڏکن ۽ محرومين کي عورت جي زباني اهڙي ته خوبصورت اندا سان پيش ڪيو آهي، جو اهي سڀ تڪليفون اڄ به هر ماڻهوءَ کي پنهنجون محسوس ٿين ٿيون.

مطلب ته اسان جو ڏاهو شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ اعليٰ ذهن جو مالڪ هو. اهڙا انسان صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. انهن سياڻن ۽ عقلمند ماڻهن جي تعليم تي عمل ڪرڻ سان الله تعاليٰ عمل ڪرڻ وارن کي به سياڻو بڻائيندو آهي، ڇاڪاڻ ته سياڻن انسانن جي تعليم اعليٰ هوندي آهي. انهيءَ ۾ عقل، عرفان سچ ۽ سورهيائي جي تعليم ڏنل هوندي آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي 14 صفر 1165هه مطابق 1752ع تي 63 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. سندن مزار ڀٽ شاهه تي آهي، جتي هر سال 14 صفر تي شاندار ميلو لڳندو آهي ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪيترائي پانڌيئڙا ڪهي اچي ڀٽ تي سلامي ٿيندا آهن. ان موقعي تي هڪ شاندار ادبي ڪانفرنس پڻ ٿيندي آهي، جنهن ۾ ملڪ جا نامور عالم ۽ اديب پنهنجا مقالا پيش ڪندا آهن.

مرتب: علي حسن چانڊيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# روسو

1712_1779ع



جيئن روسو پنهنجي ڪتاب ”سماجي معاهدو“ ۾ لکيو هو ”انسان پيدا ٿيڻ مهل آزاد هوندو آهي، پر هر هنڌ ڪيس زنجيرن ۾ جڪڙيو ويندو آهي.“ اهو ڪتاب هن 1762ع ۾ شايع ڪرايو هو. انهيءَ جملي اڄ ڏينهن تائين انقلابين کي پئي اتساهه ڏياريو آهي. فيڊل ڪاسترو 1950ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن ڪيوبا ۾ وڙهي رهيو هو تڏهن ”سماجي معاهدو“ سندس کيسي ۾ پيل هوندو هو.

روسو جينيوا جي آزاد شهري رياست ۾ هڪ پورهيت جي گهر ۾ پيدا ٿيو هو ۽ هن جي ماءُ سندس ڄمر کان ٿورڙو ئي پوءِ مري وئي. ڏهن سالن کان پوءِ سندس پيءُ به قانون جي چنبي کان بچڻ خاطر گهر ڇڏي ڀڄي ويو هو جنهن ڪري روسو کي صرف ٻاراڻي وهيءَ واري ابتدائي تعليم ئي ملي سگهي هئي. گهٽ تعليم هئڻ ڪري هن هڪ ٻئي پويان ڪيترين ئي نوڪرين ڪيون هيون، پر هن پنهنجي منهن وسيع مطالعو ڪري، پنهنجي آسپاس واري دنيا ۾ جاري نا انصافين جو مشاهدو ڪيو هو جنهن سندس خيالن تي گهرو اثر ڇڏيو هو.

روسو 16 سالن جي ڄمار ۾ جينيوا ڇڏي هليو ويو ۽ مادام ڊي وارنس نالي هڪ شاهوڪار عورت سان وڃي دوستي رکيائين، جيڪا سندس ڀرپور ماسترياڻي ثابت ٿي ۽ کيس علم پرائڻ ۾ مدد ڪيائين. انهيءَ عورت کيس رومن ڪيٿولڪ ٿيڻ تي آماده ڪيو پر پوءِ هو وري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڦري ڪالونسٽ ٿيو. تنهن کان پوءِ روسو سڄي فرانس ۽ اٽليءَ ۾ سفر ڪندو رهيو ۽ ڪنهن حد تائين لکيائين به.

هن جي سڀ کان مقبول لکئي بيشڪ "Lanouvelly Heloisc" هئي. هي هڪ جذباتي ناول آهي، جنهن ۾ ڳوٺاڻي زندگيءَ کي مثالي ڏيکاريندي، ان جي ساراهه جا ڍڪ پريل آهن.

روسو پنهنجي ٻئي ڪتاب "ماڻهن ۾ نابرابري جي بڻ بنياد تي (مضمون)" ۾ بحث ڪندي انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته ماڻهو فطري طرح سٺا هوندا آهن، پر سماج کين بدعنوان بڻائي ڇڏيندو آهي. هن پنهنجي بيان جي تائيد ۾ جيتوڻيڪ ڪوڙ غلط نظريا پيش ڪيا آهن، جيڪي قديم ماڻهن ۾ زندگيءَ بابت پکڙيل هئا، پر هي اهو پهريون فلسفي هو جنهن سنجيدگيءَ سان اها ڳالهه ثابت ڪئي ته ماڻهوءَ جي هلت چلت جو دارومدار انهيءَ ماحول تي آهي، جنهن ۾ هو رهي ٿو. انهيءَ نظرئي تي ئي جديد ترين سماجي فلسفي جو بنياد رکيل آهي.

"سماجي معاهدي" مان پتو پوي ٿو ته ان جي لکڻ وقت روسو جا سماج بابت نظريا بدلجي چڪا هئا. انهيءَ ڪتاب ۾ هن ڄاڻايو آهي ته جيتوڻيڪ سماج ۾ بدعنوانيون آهن، پر ان کي سڌاري سٺا ماڻهو پيدا ڪري سگهجن ٿا. هن جي نظر ۾ مثالي سماج اهوئي آهي، جنهن ۾ سيئي شهري پاڻ کي ۽ رياست کي هڪ ڪري سمجهن ۽ پنهنجون انفرادي مرضيون هڪ اهڙي مرضي ۾ ملائي ڇڏين، جنهن کي هو "عام مرضي" (General Will) سڏي ٿو.

روسو جي موت کان 11 سال پوءِ فرانس ۾ انقلاب برپا ٿيو. انهيءَ وقت تائين روسو جا نظريا دانشورن ۾ پنهنجي جاءِ پيدا ڪري چڪا هئا. قومي اسيمبلي 1789ع ۾ جيڪو "ماڻهن ۾ شهري حقن جو پڌرنامو" ٺاهيو هو سو گهڻي ڀاڱي روسو جي سماجي معاهدي جي طرز تي لکيل هو ۽ ان جو مواد به اتان ورتو ويو هو. بيشڪ انقلاب ۾ ٻين اثرن به پنهنجو پنهنجو ڪم ڪري ڏيکاريو هو. روسو جي جهوني دشمن ۽ بنياد پرستيءَ جي مخالف والٽيئر جو به انقلاب ۾ ڪو گهٽ حصو نه هو. نئين حڪومت ٺاهڻ ۾ انقلابين ڪيترن ئي سياسي فلسفن کان ڪم ورتو هو پر خاص طور ٻن موقعن تي انقلابي روسو جي نظرين کي ڪتب آڻيندا هئا: پهريون حد کان وڌيڪ آدرشي ۽ انسان دوست ٿيڻ وقت ۽ ٻيو حد کان وڌيڪ عقيدي پرستيءَ جي آڌار تي پنهنجن مخالفن کي دٻائڻ وقت.

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مارڪس

1818_1883ع



ڪارل مارڪس ”هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن جي رڳ رڳ ۾ طاقت ڀريل هئي ۽..هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن کي يقين هو ته هو جيڪو مقصد کڻي اڳتي وڌيو هو سو ماڻهن تي ايترو ته حاوي ٿي ويندو جو اهي سندس پوئلڳ بڻجي پوندا.“ هن جو فلسفو اجا تائين انساني سوچ جي تاريخ ۾ مکيه جاءِ والاري ٿو. اهو انساني تاريخ جو هڪ اهڙو فلسفو آهي، جيڪو سماجي انقلاب برپا ڪرڻ جو نظريو پيش ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته سماجي انقلاب برپا ڪرڻ لاءِ ڪهڙي حڪمت عملي اختيار ڪجي.

مارڪس جو پيءُ هڪ وڪيل هو جنهن يهودي مذهب ڇڏي عيسائي مذهب اختيار ڪيو هو. هن نوجوان قانون جي تعليم حاصل ڪئي ۽ فلسفي ۾ گريجوئيشن ڪيائين. هو 1842ع ۾ رائين لينڊ جي هڪ اخبار جو ايڊيٽر ٿيو پر هن جي ڇپجندڙ ايڊيٽوريلن جي ڪري ٻئي سال تي اخبار بند ٿي وئي. مارڪس لڏي وڃي پئرس ۾ رهيو جتي سندس ملاقات فريڊرڪ اينگلس سان ٿي ۽ ٻئي سڄي زندگي هڪ ٻئي جا دوست ٿي رهيا. هو سوشلسٽ به هتي ئي ٿيو. ٻئي دوست 1847ع ۾ ڪميونسٽ ليگ ۾ شامل ٿيا. اها ليگ ”سڀ ماڻهو پاڻ ۾ ڀائر آهن“ جي نعري سان انصاف قائم ڪرڻ لاءِ ٺهي هئي ۽ انهن سوشل گروپن مان هڪ هئي، جيڪي پئرس،

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

برسيلز ۽ لنڊن ۾ جرمنيءَ جي جلاوطن ماڻهن قائم ڪيا هئا. مارڪس ۽ اينگلس انهيءَ ليگ لاءِ مشهور ڪميونسٽ ميني فيسٽو (Manifesto) لکيو. جنهن ۾ خيالي يائپي واري نظرئي کي وڌائي "هلندڙ سڄي سماجي سرشتي کي زوري ڊاهڻ" جو پروگرام ڏنل هو. اتفاق سان ڪميونسٽ منشور (ميني فيسٽو) بہ فيبروري 1848ع جي پئرس انقلاب واري زماني ۾ ظاهر ٿيو. ويهن سالن جي عرصي ۾ ميني فيسٽو جو اثر سڄي يورپ ۾ پکڙجي ويو.

1848ع وارن انقلابن جي ناڪاميءَ, مارڪس کي قائل ڪري ڇڏيو تہ, اهڙين سياسي جماعتن جي ضرورت هئي, جيڪي پاڻ کي انقلاب لاءِ ارپي ڇڏين. جيئن تہ مارڪس تي يورپ جي گھڻن ملڪن بندش وجهي ڇڏي هئي, تنهن ڪري هو 1849ع کان پوءِ گهڻو ڪري لنڊن ۾ رهيو جتي پاڻ کي برٽش ميوزيم لائبريري ۾ وڃي مطالعي ڪرڻ لاءِ ارپي ڇڏيائين. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو هو پاڻ ۽ سندس آڪهہ ايڏا تہ غريب ٿي ويا, جو سندن هڪڙو ٻار علاج نہ ٿيڻ ڪري مري ويو. هن کي اخبار نيويارڪ ٽربيون ۾ خاطو ڪري رکيو ويو, جنهن جو ڪيس تمام ٿورو پيتو ملندو هو پر اينگلس پنهنجي خانداني ٽيڪسٽائيل واري ڪاروبار مان سندس مالي سهائتا ڪندو رهندو هو.

مارڪس جي تاريخي ۽ يادگار ڪم "داس ڪئپيٽل" (سرمايو) جو پهريون جلد 1967ع ۾ پڌرو ٿيو. ٻيو جلد 1885ع ۾ ۽ ٽيون 1894ع ۾ پڌرو ٿيو. پوين ٻنهي جلدن جو ايڊيٽر اينگلس هو. مارڪس تي پهريائين هيگل جي فلسفي جو اثر هو پر لُگ وِگ فيورباخ جي ماديت وسيلي هن انهيءَ فلسفي ۾ ترميم آندي. 1840ع واري ڏهاڪي ۾, هن آدم سمٿ کان وٺي رڪارڊو تائين, جيڪي بہ اقتصادي ماهر ٿي گذريا هئا, تن سڀنيءَ جي لکڻين ۽ فرانس جي سينٽ سائمن, لوئس بلانڪ ۽ پروڊان جي نظرين تي عبور حاصل ڪري ورتو هو. مارڪس ماڻهوءَ جي حقن واري روايتي نظرئي کي رد ڪري ڇڏيو. ان جي بدران هن زور ڏنو تہ تاريخ جي ارتقا کي روڪي نہ ٿو سگهجي. هن اهو نظريو "جدلياتي ماديت" جي نالي سان پيش ڪيو.

جدلياتي ماديت مطابق هڪ ٻئي جي ابتڙ شين جو پاڻ ۾ ٽڪر ٿئي ٿو. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ هر سماجي سرشتي, يعني ٿيسز مان سندس مخالف, يعني ائنٽي ٿيسزس پيدا ٿئي ٿو. ٻنهي جي ٽڪر سان ارتقا يعني سينٿيسز يعني سرمائيدار طبقي (ٿيسز) ۽ ٻي کي پرولتاريہ يعني پورهيت طبقي (ائنٽي ٿيسز) جو نالو ڏنو. انهن مان پهريون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طبقو صنعتي پيداوار جي ذريعن تي قابض ٿي، دنيا جي وسيلن ۽ پورهيت طبقي جو استحصال ڪري ٿو. جيئن تہ آزاد جمهوري رياست، سرمائيدارن جا مفاد پورا ڪرڻ لاءِ ٺاهي وئي آهي، تنهن ڪري اها هڪ ڪوڙي ۽ بناوٽي جمهوريت آهي ۽ پارلياماني حڪومت، سرمائيدار طبقي جي حڪومت جو ٻيو نالو آهي. اهڙي طرح قومي رياستن جون رقابتون پورهيت طبقي جي سچن پچن مفادن جي خلاف آهن. وطن پرستيءَ کي انهيءَ ڪري زور وٺرايو ويندو آهي تہ جيئن پورهيتن جي بين الاقوامي ٻڌي کي روڪي سگهجي. "پورهيتن جي آمريت" قائم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ پورهيتن جو عالمي سطح تي انقلاب آڻجي.

جڏهن اقتدار پورهيت طبقي جي هٿ ۾ ايندو تڏهن استحصال بہ ختم ٿي ويندو. ڇاڪاڻ تہ پورهيت طبقو ڇٽبو ٿي انهيءَ طبقي کي آهي جنهن وٽ ملڪيت نہ هجي. جيئن تہ پورهيت طبقي وٽ ملڪيت نہ هوندي تنهن ڪري اهو ڪنهن جو بہ استحصال ڪري نہ سگهندو. ٻين لفظن ۾ پورهيت طبقي جي اقتدار ۾ اچڻ ڪري هڪ سچو پچو غير طبقاتي سماج قائم ٿيندو. مارڪس چيو تہ فقط انقلابي ماضيءَ جي گندگي کان نجات ڏياري سگهي ٿو ۽ نئون سماج اڏي سگهي ٿو. سندس پيش ڪيل نظرئي تي لينين 1917ع ۾ روس اندر پورهيتن جو ڪامياب طبقاتي انقلاب آندو. روس کان اڳتي وڌي اهو انقلاب پورا 70 سال دنيا جي مختلف قومن ۽ ملڪن تي اثر انداز ٿيندو رهيو.

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مولانا عبيدالله سنڌي

1872_1944ع



مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي هند ۽ سنڌ ۾ جديد قومي فڪر جو باني سمجهيو وڃي ٿو. هن جديد قومي فڪر جي بنياد تي هندستان کي آزادي ڏيارڻ جي لاءِ سموري عمر پاڻ پتوڙيو. هن سموري هندستان ۾ آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ ماڻهن جا جٿا تيار ڪيا ۽ ملڪ کان ٻاهر وڃي ڪري به آزادي ۽ انقلاب جي لاءِ سخت جدوجهد ڪئي. هن ٻاهر وڃي انگريزن جي لاءِ اهڙيون ڏکيون حالتون پيدا ڪيون جو ٻي مهاڀاري لڙائي جي موقعي تي انگريزن کي هندستان ڇڏي وڃڻ جو واعدو ڪرڻو پيو. مولانا عبيدالله سنڌي گڏيل هندستان ۾ جنهن انقلابي طريقي سان قومي ۽ طبقاتي بنيادن تي هندستان کي آزادي ڏيارڻ پئي گهري، انگريزن سندس اهو مقصد پورو ٿيڻ نه ڏنو ۽ پوءِ مولانا سنڌي ملڪ واپس اچي عوام ۾ اهو روح ڦوڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهي دين ۽ دنيا جي گڏيل ڀلائي حاصل ڪرڻ لاءِ قرآن جي اخلاقي ۽ قانوني فڪر ۽ يورپ جي سائنسي ترقيءَ کي ملائي هڪ مثالي معاشرو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

مولانا عبيدالله سنڌي پنجاب جي ديري غازي ضلعي جي چيانوالي ڳوٺ ۾ سک گهراڻي ۾ 10 مارچ 1872ع ۾ ڄائو. هن ابهم ٻار جڏهن علم سان چاهه رکيو ته ننڍڙائپ ۾ ئي ڪيس حق ۽ سچ جو رستو ڏسڻ ۾ آيو. جڏهن پاڻ ٽئين درجي ۾ پهتو ته ڪيس اسلامي ڪتاب پڙهڻ جو شوق ٿيو. ڪيس دين اسلام بابت جيڪو به ڪتاب ملندو هو سو پڙهي وٺندو هو. مولانا عبيدالله سنڌي جڏهن مسلمان ٿيو ته ديني تعليم حاصل ڪرڻ جي ارادي سان سنڌ ۾ پهتو. هتي سڀ کان پهريائين سندس ملاقات ڀرچونڊيءَ جي بزرگ مولانا حافظ محمد صديق سان ٿي، جيڪو تنهن زماني جي هاڪارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عالمن مان هڪ هو. انهيءَ پلاري بزرگ جڏهن هن نوجوان جي دين جا لاءِ جذبي کي ڏٺو تڏهن وڏي پيار ۽ پاٻوهہ سان کيس چيائين تہ: "اي عبيدالله! تو اسلام واسطي پنهنجا عزيز ڇڏيا آهن، اڄ کان وٺي آءٌ توکي پنهنجي پٽن جهڙو درجو ڏيان ٿو." نوجوان عبيدالله تي انهن لفظن اهڙو تہ اثر ڪيو جو هن پنهنجي نالي پٺيان "سنڌي" لفظ جو اضافو ڪيو. ان کان پوءِ ئي عبيدالله سنڌي سڏائڻ لڳو.

ڳچ عرصي پرچونڊيءَ ۾ رهڻ کانپوءِ مولانا عبيدالله سنڌي وڌيڪ تعليم جي لاءِ ديوبند ۽ دهليءَ جي مدرسن ۾ پڙهيو. اتي هندستان جي هڪ وڏي انقلابي شيخ الهند جي شاگردي حاصل ٿيس. پاڻ 1889ع ۾ علم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ ڇڏي هئائين ۽ 1891ع ۾ وري موٽي آيو. ان وقت امروٽ شريف سنڌ جي اندر آزاديءَ جي تحريڪ ۽ ديني تعليم جو مرڪز بڻيل هو انڪري پاڻ اتي اچي اسهيو. مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي وقت جو ناميارو عالم ۽ اسلام جو سچو سپاهي بڻجي چڪو هو. ڪجهہ وقت امروٽ ۾ رهڻ کانپوءِ مولانا سنڌي اچي ڳوٺ پير جهنڊي، ضلعي حيدرآباد ۾ "دارالارشاد" نالي هڪ مدرسو قائم ڪيو.

اٺ نو سال مولانا سنڌي ايئن انقلابي انسان پيدا ڪندو رهيو. 1909ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي کي سندس استاد حضرت شيخ الهند ديوبند گهرائي ورتو ۽ کيس چيو تہ هاڻي آزاديءَ جي لاءِ انقلابي تحريڪ شروع ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. اتي پنهنجي استاد جي ساٿ سان "جمعيت الانصار" نالي هڪ جماعت قائم ڪيائين، جنهن جو پاڻ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. 1913ع ۾ دهليءَ جي "نظارة المعارف" نالي هڪ ادارو قائم ڪيائين. ان اداري ۾ ديني عالمن ۽ انگريزي پڙهيل شخص کي گڏي هندستان ۾ هڪ مضبوط انقلاب جي تياري ۽ اتان تيار ٿيل انقلابين جي ذريعي بعد ۾ ملڪ جي ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ جو مقصد اڳيان رکيو. انهيءَ دوران سندس استاد شيخ الهند کيس حڪم ڪيو تہ هو ملڪ کان ٻاهر نڪري وڃي ۽ ٻاهرين ملڪن جي مدد سان هندستان کي تڪڙي آزادي وٺي ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪري. ان وقت ڪابل دنيا ۾ سياسي تبديلين ۽ پيچ ڏاهہ جو مرڪز بڻيل هو ان ڪري مولانا سنڌي اوڏانهن روانو ٿيو.

سڀ کان پهرين هن ڪوشش وٺي ٻاهر رهندڙ ملڪي ماڻهن جي هڪ جماعت ٺهرائي، جنهن جو پاڻ صدر مقرر ٿيو. ان کان پوءِ مولانا سنڌي پنهنجي دوستن سان گڏجي هڪ "جلاوطن حڪومت" قائم ڪئي. راجا مهندر پرتاب ان جلاوطن حڪومت جو صدر ۽ مولانا سنڌي وزيراعظم مقرر ٿيو.

"آزاد هند جلاوطن حڪومت" جي قائم ٿيڻ کانپوءِ مولانا عبيدالله سنڌي جو ڪم ڪجهہ حد تائين سولو ٿي پيو هڪ طرف دنيا جي حق پسند حڪومتن هندستان جي مسئلن طرف توجهہ ڏنو ۽ ٻئي طرف وري سنڌ توڙي هند جي عوام جا حوصلا بلند ٿيڻ لڳا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مولانا عبيدالله سنڌيءَ ٻيو مکيہ ڪم هي ڪيو جو ”جنود ربانيہ“ جي نالي سان هڪ فوج جوڙيائين. هن فوج ۾ سنڌ مان مولانا تاج محمود امروٽي، مولوي محمد صادق کڏي وارو، شيخ عبدالرحيم حيدرآبادي، علامہ اسد الله شاهہ ٽکڙائي ۽ ٻين کي خاص عهدا ڏنائين. مولانا سنڌي، سندس استاد مولانا محمودالحسن ۽ سندن ساٿين جي اها مرضي هئي تہ هڪ طرف هندستان اندر انگريز سرڪار خلاف بغاوتون ڪرايون وڃن ۽ ٻئي طرف ٻاهران ترڪي ۽ افغانستان کان هندستان تي حملو ڪرايو وڃي. اهڙين حالتن ۾ انگريز سرڪار مجبور ٿي پوندي ۽ ملڪ مان ٽڙجي ويندي.

انهيءَ سلسلي ۾ مولانا عبيدالله سنڌي ۽ سندس ٻين ساٿين روس، ترڪي ۽ جرمنيءَ جي حڪومتن سان رابطو قائم ڪيو پر جيئن تہ پهرين مهاڀاري لڙائي ۾ ترڪيءَ کي شڪست آئي هئي، ان ڪري اها ڳالهہ ڏکي ٿي پئي تہ ترڪي هندستان تي حملو ڪري.

ڪابل مان وقت بہ وقت پنهنجي هندستاني ساٿين کي پنهنجي منصوبن کان واقف ڪرائڻ لاءِ پاڻ هڪ ماڻهو تيار ڪيو هئائين، جيڪو افغانستان مان ريشمي رومال کڻي هندستان ويندو هو. مولانا سنڌي انهن رومالن تي پنهنجو پيغام اُڻائي ڇڏيندو هو. سندس ماڻهو واسطيدار ذرتائين اُهي خاص رومال، پهچائيندو هو. جڏهن مولانا عبيدالله سنڌي هندستان تي حملي ڪرڻ لاءِ نقشا تيار ڪيا ۽ سنڌ توڙي هند ۾ بغاوت جا مرڪز مقرر ڪيا. جڏهن حملي ۽ بغاوت جي هڪڙي تاريخ مقرر ڪري اُنهيءَ کي ريشمي رومال تي اُڻائي هندستان ۾ پنهنجي ساٿين ڏانهن ڏياري موڪليائين. انهن ريشمي رومالن جي ڪري ان تحريڪ جو نالو ئي ”ريشمي رومال“ تحريڪ پئجي ويو.

اهو ماڻهو جيڪو خاص رومال کڻي اچي رهيو هو سو جڏهن پنجاب ۾ پهتو تڏهن حڪومت کي ڪنهن مخبري ڪئي. راز فاش ٿي وڃڻ ڪانپوءِ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جا سمورا هندستاني ساٿي گرفتار ٿي ويا. مولانا عبيدالله سنڌي ڪابل ۾ ست سال رهڻ ڪانپوءِ روس وڃڻ جو فيصلو ڪيو. پاڻ روس ملڪ جي چونڊ ان ڪري ڪيائين جو 1917ع ۾ انهيءَ ملڪ ۾ نئون ڪامياب انقلاب جو تجربو ڪيو ويو هو. روس ۾ رهڻ دوران سندس ڏيٺ ويٺ ترڪيءَ جي سفير سان ٿي، ان جي مدد سان هن ترڪيءَ جي دوري جي اجازت ورتي.

ترڪيءَ ۾ بہ مولانا عبيدالله سنڌي جي مانائتي نموني سان آجيان ڪئي وئي. هن کي اتي، اتان جي قوم جي ابي ڪمال اتا ترڪ سان ملڻ ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ جو بہ موقعو مليو. روس جي ڀيٽ ۾ مولانا عبيدالله سنڌي ترڪيءَ ۾ گهڻو وقت گذاريو ۽ ٽي سال اتي رهيو. پاڻ ترڪيءَ ۾ سرو راجيہ پارٽي جو بنياد وجهي هندستان جي لاءِ گهڻ قومي وطن جو منشور جاري ڪيو. جيڪو هندستان جي لاءِ قومي ۽ طبقاتي بنيادن تي پهريون آئيني خاڪو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهن زماني ۾ دنيا جون سامراجي قوتون ملي جلي مسلمانن کي ستائي رهيون هيون. اسلامي دنيا جو حال ڏسي دنيا جا مسلمان مجبور ٿيا تہ هو هڪ هنڌ گڏ ٿين ۽ پنهنجي مسئلن جو حل تلاش ڪن. آخرڪار 1926ع ۾ دنيا جي مسلمانن جي هڪ ميڙ ٿيڻ جو فيصلو ٿيو جنهن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مولانا عبيدالله سنڌي ترڪي مان مڪي شريف ڏي روانو ٿيو. مڪي شريف ۾ مولانا عبيدالله سنڌي پريا ٻارنهن سال اسلام جي انقلابي پيغام جي تبليغ ڪئي ۽ تعليم ڏني. سنڌ، هند، انڊونيشيا، تاشقند ۽ ٻي اسلامي دنيا جي ڪيترن عالمن کي وچي ڪائنس تعليم پرائي.

آخرڪار مولانا عبيدالله سنڌي چوويهن سالن جي جلاوطنيءَ بعد 4 مارچ 1929ع تي پنهنجي منڙيءَ سنڌ ۾ قدم رکيو. هن بزرگ انسان وقت وڃائڻ کانسواءِ ڊسمبر 1939ع ۾ "جمنا نربدا سنڌ ساگر پارٽي" ناهڻ جو اعلان ڪيو تہ قوم کي هي پيغام ڏنو تہ:

"هندستان هڪ واحد ملڪ نہ سمجهيو وڃي، پر جيئن يورپ گهڻن خودمختيار قومن ۾ ورهايل آهي، تيئن هندستان بہ گهڻ قومي ملڪ آهي ۽ ملڪ کي پنهنجي زبان آهي. هندستان کي هڪ ملڪ طور آزاديءَ نہ ڏني وڃي، پر هر هڪ ٻولي ۽ ثقافت جي وحدت کي الڳ الڳ آزادي ڏني وڃي."

مولانا عبيدالله سنڌي هتي اچڻ ڪانپوءِ هتان جي نوجوانن کي پنهنجي تحريڪ جو مرڪز بڻايو. هن اپريل 1944ع ۾ حيدرآباد ۾ "جمعيت طلباءِ سنڌ" ناهي. ان موقعي تي پڪي قلعي حيدرآباد ۾ سنڌ جي شاگردن کي ڪيل پنهنجي تاريخي خطاب ۾ ڪين چيائين تہ:

"هن موقعي تي آءٌ اوهان شاگردن کي هدايتندس تہ اوهان انگريزي پڙهو مغربي سائنس جو مطالعو ڪيو علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪيو تہ جيئن ان انقلاب کي سمجهي سگهو جيڪو سموري يورپ کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي چڪو آهي. توهان هندستان ۾ ان انقلاب لاءِ تيار رهو!"

سخت جدوجهد ۽ محنت جي ڪري آخرڪار سندس طبيعت ناچاڪ رهڻ لڳي، اهڙين حالتن ۾ بہ هن سنڌ جو تفصيلي دؤرو ڪري سنڌين کي بيدار ٿيڻ ۽ زماني جي ايندڙ حالتن سان منهن ڏيڻ جا حيلا هلايا. پر موت کيس وڌيڪ مهلت نہ ڏني ۽ 22 _ آگسٽ 1944ع تي وفات ڪيائين.

مرتب: نور احمد ميمڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# علامہ آءِ۔آءِ قاضي

1886_1968ع



اهڙا انسان جن پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي مقصد کي ڳولي لڌو ۽ پنهنجي زندگيءَ جو پل پل سجايو ڪيو انهن آدرشي ۽ مٽيادار ماڻهن ۾ علامہ آءِ۔آءِ قاضيءَ جو نالو مٿانهون آهي.

سندس والد سنڌجي مشهور ڳوٺ پاٽ ۾ رهندو هو. کيس ٻہ گهر هئا. پهرين گهر مان ٽي ڏيئرون هيون. هن ٻي شادي حيدرآباد مان ڪئي، جنهن مان کيس اٺ ڏيئرون ۽ ٻہ پٽ ڄاوا. آخري پٽ امداد علي 9 اپريل 1886ع تي اباڻي ڳوٺ پاٽ ۾ ڄائو. ٿوري ئي عرصي کان پوءِ قاضي امام علي پاٽ مان لڏي اچي مستقل طور حيدرآباد ۾ رهيو.

انهن ڏينهن ۾ عام اسڪولن جي گهڻتائي جي ڪري آخوند عبدالعزيز کي امداد علي جي ابتدائي تعليم جي لاءِ مقرر ڪيو ويو جنهن کيس قرآن شريف سان گڏ سنڌي، فارسي ۽ رياضيءَ جا علم پڙهايا. ان دور ۾ سنڌي زبان، علم ادب ۽ روز مرهہ جي زندگيءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌي فائينل جو امتحان ڏيڻو پوندو هو. اهو امتحان قاضي صاحب 18 سالن جو عمر ۾ خانگي طور پاس ڪيو ۽ فارسي، جيڪو ان وقت لازمي مضمون هوندو هو ان ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي.

1905ع ۾ بمبئي مان مئٽرڪ جو امتحان پڻ خانگي طور پاس ڪيائين. ان کان پوءِ سر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيد احمد خان جي قائم ڪيل علي ڳڙهہ ڪاليج مان وڏيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويو پر اتي جو تعليمي نظام کين متاثر نہ ڪري سگهيو ۽ پاڻ هڪ سال بعد اتان واپس اچڻ کانپوءِ پنهنجي سؤٽ عبدالقادر سان گڏجي اعليٰ تعليم لاءِ لنڊن روانو ٿيو. اتي مختلف علمن جي ڳوڙهي اڀياس کان پوءِ قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جڳ مشهور اداري ”لنڪن ان“ ۾ داخلا ورتائين.

تعليم دوران قاضي صاحب جي ملاقات مس ايلسا نالي هڪ ذهين جرمن ڇوڪريءَ سان ٿي. هوءَ فائين آرٽس جي شاگرديائي هئي. هن جو ادب ۽ شاعريءَ سان چڱو لڳاءُ هو. سندن طبيعتون ملي ويون ۽ 1910ع ۾ هنهي شادي ڪئي. 1912ع ۾ قاضي صاحب بار ايٽ لا جي ڊگري وٺڻ کان پوءِ وطن واپس وريو. ڪجهہ عرصو هتي رهڻ کان پوءِ وري ڏال سوڏو لنڊن هليو ويو.

قاضي امداد علي 1919ع ۾ لنڊن مان واپس آيو. ڪافي عرصو هتي رهيو نوڪري بہ ڪيائين ۽ پوءِ ٻيهر لنڊن روانو ٿيو پاڻ پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا 1920ع ۾ مئجسٽريٽ جي حيثيت سان ڪيائين. انهيءَ دور ۾ سندن ڪوشش سان خيرپور ۾ پوئٽري سوسائٽي جو بنياد وڌو ويو. سوسائٽي جون شاخون بعد ۾ لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد ۾ بہ قائم ڪيون ويون. ان دوران انگلينڊ جي پوئٽري سوسائٽي جي مخزن ۾ سندن ”مشرقي شاعري“ جي موضوع تي مقالو ڇپيو. ان مقالي جي قدرداني طور کيس سوسائٽي جو نائب صدر مقرر ڪيو ويو جيڪو عهدو پورا پنجويهہ سال وٽس رهيو.

1926ع ۾ علامہ آءِ-آءِ قاضيءَ کي خيرپور رياست جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو هوم ميمبر مقرر ڪيو ويو پر پوءِ ڪن سببن جي ڪري انهيءَ ذميواريءَ تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏيائين.

قاضي صاحب استعيفيٰ ڏيڻ کان پوءِ ڪجهہ مهينا هتي رهيو پوءِ انگلينڊ هليو ويو. اتي وڃي اسلامي پرچار لاءِ هڪ مرڪز کوليائين. جتي پورا ٻہ سال ڪم ڪندو رهيو. هن ”لنڊن اسڪول آف اورينٽل اسٽڊيز“ ۾ استاد ۽ متحمن جي حيثيت ۾ بہ ڪم ڪيو. وري 1929ع ۾ وطن واپس آيو ۽ حيدرآباد ۾ اچي وڪالت شروع ڪيائين. کين حيدرآباد ضلعي جو پراسيڪيوٽر بہ مقرر ڪيو ويو پر کيس اتي پڻ مزو نہ آيو ۽ 1930ع ۾ لنڊن اُسهيو.

علامہ آءِ-آءِ قاضي چاهيندو هو تہ وڏي پيماني تي عام مخلوق جي خدمت ڪئي وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو مقصد کين پيهر لنڊن وٺي ويو ۽ اتي جي ڪن اورچ انسانن سان ملي ڪري "جمعيت المسلمين" جو بنياد وڌائين. ان جماعت جو مکيه مقصد اهو هو ته معاشري ۾ اسلام جي اعليٰ انساني قدرن واري مذهب بابت ماڻهن کي آگاهه ڪجي ۽ کين اسلام جي اصل روح کان واقف ڪجي. انهيءَ عرصي دوران علامه آءِ-آءِ قاضي مشهور انگريز ليکڪ برنارڊشا جي لکيل ڪتاب "ڪاري ڇوڪري خدا جي تلاش ۾" جي جواب ۾ "پوري ڇوڪري خدا جي تلاش ۾" لکيو جنهن کي تمام گهڻو ساراهيو ويو.

پاڪستان ٺهڻ کان ٿورو عرصو اڳ، قاضي صاحب انگلينڊ کان واپس موٽي اچي ڪراچيءَ ۾ رهيو. هتي به سندس ساڳيو عمل جاري رهيو. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سنڌ سميت پوري ننڍي کنڊ جي ماڻهن جي سياسي ۽ سماجي حالتن ۾ تبديلي اچي وئي هئي. انهن ڏينهن ۾ قاضي صاحب لنڊن ۾ هو. بدليل حالتن ۾ سنڌ جي دورانديش ماڻهن کين خط لکيا ته هو هاڻي انگلينڊ ڇڏي اچي هتي رهي، جو هتان جي ماڻهن کي سندن صلاحيتن ۽ علمي لياقتن جي ضرورت آهي. جيتوڻيڪ علامه قاضي هن ڀيري انگلينڊ ويو هو ته مايوس ٿي ويو هو ڇو ته هن شدت سان محسوس ڪيو ته هتان جي ماڻهن ۾ حالتن سان منهن ڏيڻ لاءِ ڪا به اڳوات سوچ ۽ رٿابندي نه آهي ۽ اهي رڳو حالتن جي وهڪري ۾ لڙهي رهيا آهن. پر پوءِ به ڪن همدردن جي دردمندانه خطن جي موٽ ۾ انگلينڊ کي الوداع چئي سنڌ ۾ اچي رهڻ لڳو ۽ علم جي روشنيءَ کي عام ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪندو رهيو.

هاڻي علامه آءِ-آءِ قاضي حالتن جي تيز رفتار وهڪري کي پرکيندي محسوس ڪيو ته سنڌ جي ماڻهن کي باخبر رکڻ لاءِ هڪ اهڙي اخبار جي ضرورت آهي، جيڪا ٻڏندڙ قوم کي بچائڻ لاءِ ڪو گس ڪڍي. ان سلسلي ۾ پاڻ سنڌي مسلمانن ۽ دانشورن سان صلاح مشورا ڪرڻ بعد هڪ رسالو جاري ڪيائون. پر سهڪار نه هجڻ ڪري ان جا رڳو ٽي پرچا ئي نڪري سگهيا.

ٻين علمي ۽ ادبي ڪمن کان علاوه قاضي صاحب جو هڪ يادگار ڪم شاهه جي رسالي جي ترتيب آهي. آخرڪار پاڻ ان نتيجي تي پهتا ته علم نه صرف پاڻ سڃاڻڻ جو وسيلو آهي، پر انسانذات جي ڀلائي ۽ خدمت جو پڻ بهترين ذريعو آهي. علم جي ذريعي ئي وطن جي ماڻهن کي سجاڳ ڪري سگهجي ٿو ۽ کين بدلجندڙ حالتن لاءِ اڳواٽ تيار ڪري سگهجي ٿو. سندن زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو مقصد به اهوئي رهيو ته ماڻهن ۾ علم حاصل ڪرڻ جو جذبو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيدا ڪجي ۽ ڪين علم جي مقصد ۽ فائدي کان آگاهہ ڪجي. ان سلسلي ۾ سائين جي ايم سيد ۽ سنڌ جي ٻين اڳواڻن کي سندس لکيل خط ان ڳالھ جي شاهدي ڏين ٿا تہ ڪين سنڌ کي علم سان مالامال ڪرڻ جو ڪيڏو نہ اونو رهندو هو.

جڏهن 1936ع ۾ سنڌ بمبئي کان الڳ ٿي تہ هتان جي ڪن همدردن سنڌ لاءِ الڳ يونيورسٽيءَ جي قيام لاءِ ڪوشش ڪيون. جڏهن ڏهن سالن جي جاکوڙ کان پوءِ 13 اپريل 1947ع تي سنڌ يونيورسٽي قائم ٿي تہ علامہ آءِ-آءِ قاضي صاحب کي خط لکي لنڊن مان گهرايو ويو. قاضي صاحب پنهنجي گهرواريءَ سميت لنڊن جي آرام واري زندگيءَ کي هميشہ لاءِ خير آباد چئي هتي پهتو ۽ 9-اپريل 1951ع تي وائيس چانسلر جي عهدي جي ذميواري پاڻ تي کنئي.

ٿوري ئي وقت اندر قاضي صاحب محسوس ڪيو تہ سنڌ يونيورسٽيءَ کي واقعي مثالي علمي درسگاهہ بنائڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ ان کي ڪنهن مناسب هنڌ تي منتقل ڪيو وڃي. ان ڪري پاڻ ڏينهن رات محنت ڪري هڪ جامع رٿا تيار ڪيائين. سنڌ حڪومت سندس ان رٿا کي مان ڏيندي سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪراچيءَ مان حيدرآباد منتقل ڪيو.

جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ چوويهہ مختلف شعبا ڪم ڪرڻ لڳا تہ قاضي صاحب سنڌ يونيورسٽي جي هڪ مڪمل ڪئمپس ڏانهن ڌيان ڏنو. تنهن وقت جي حڪومت پاران حيدرآباد جي ويجهو ڪا زمين وٺڻ تي توجهہ نہ ڏنو ويو تہ قاضي صاحب موجوده ڄامشوري واري سرڪاري زمين بابت منظوري وٺي ترقياتي ڪم شروع ڪرايو. جڏهن يونيورسٽي مالي بحران جو شڪار هئي تہ علامہ پنهنجي اڌ پگهار يونيورسٽي جي فنڊ ۾ باقاعدگيءَ سان جمع ڪرائيندو هو. اهو سلسلو آخر تائين جاري رهيو. نتيجي ۾ موجوده سنڌ يونيورسٽي جڙي تيار ٿي. علامہ آءِ-آءِ قاضيءَ جي ڪوشش سان ٿي مختصر عرصي ۾ سنڌ يونيورسٽي تعليمي معيار جي لحاظ کان دنيا جي سٺين يونيورسٽين ۾ شمار ٿيڻ لڳي.

پاڻ ڪيترا سال ان معتبر اداري جا وائيس چانسلر رهيا ۽ نيٺ مارشل لا جي غيرجمهوري حڪومت جي ايذائيندڙ رويي سبب استعيفيٰ ڏئي زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين تحقيقي ڪم ڪي لڳا رهيا. پاڻ 13-اپريل 1968ع تي وفات ڪيائون.

مرتب: علي حسن چانڊيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ارهانجو جسم ڪيئن ٿو ڪم ڪري؟
شيون ڪيئن ٿيون ڪم ڪن؟
ٻوٽن جي زندگي
سائنس ڇا آهي؟
مشهور حڪمران
مشهور فاتح ۽ سورما
مشهور سنڌ جا سپوت
مشهور پيغمبر ۽ سڌارڪ
روشن تارا گيت
مشهور اڳواڻ
مشهور عالم ۽ مفڪر
سنڌيڪا پرائمر
ڪائنات جو مطالعو
سنڌيڪا تصويري ڪهاڻيون
ٽپندڙ ڌرتي ۽ مٽجندڙ مُندون
سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Sindhica
سنڌيڪا

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book